1. سعادت لاکير
2. محمد علي لغاري

# لوڪ گيت ۾ ٻوليءَ جون خوبيون
## Poetic Diction of folk song

**_Abstract:_**

*Folk song, although free from any stanza forms, is one of the most well known form of folk poetry. In sindh and Balochistan, folk song is sung by women on various ceremonies including marriage, birth festivals etc. Folk song not only represents unique female feelings but also allure its singers and listeners with the artistic beauty of its poetic language i.e. similes, metaphors, alliteration, anaphora, symbolism, imagery etc.*

*This research paper critically analyses the artistic beauty of folk song as employed in the poetic diction of the folk song in Sindhi literature. To analyze the complete form of folk is beyond the scope of this research paper, therefore it only focuses on a selected poems.*

لوڪ گيت جيئن پنهنجي سٽاءَ ۾ ڪا پابندي قبول ڪرڻ کان آجو آهي، تيئن پنهنجي مزاج ۾ بہ منفرد هجڻ ڪري مقبوليت ۾ ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وٽندڙ آهي. ڇاڪاڻ تہ هي عورتاڻي شاعري هئڻ سبب عورتن جي احساس جي اهڙي ترجمان صنف آهي، جا غير معمولي موضوع اختيار ڪري غير معمولي موسيقيت، ٻولي، لهجن ۽ تشبيهن ۽ استعارن توڙي لفظن کي سمنڊ جي وير وانگر وڏي اڇل ۽ سونهن سان سماج جي آڏو آڻي ٿو.

ڳيچ، گيت يا لوڪ گيت جي گڏ ڪيل ذخيرن کي ڏسي عجب ٿئي ٿو تہ شادي، وهانءُ ۽ خوشيءَ جي مختلف موضوعن کان علاوه سڳن ، تعلق ۽ رشتن جي پاڀوهہ ۽ سلسلن کي گهٽين کان گهٽو پاڻ ۾ سمائي اهو ظاهر ڪيو آهي تہ ان ۾ ٻوليءَ جي وسعتن، لفظي بيهڪن، ڦيرن، گهڻ رخي معناعن هم معنائن هم جنسن، هم آوازن ۽ هم مفهومن توڙي اصطلاحن ، پهاڪن ،۽ چوڻين کي پاڻ ۾ سمائي، جنهن وسيع قلبيءَ جو مثال پيش ڪيو آهي، سو ٻي ڪنهن بہ شعري صنف ۾ اهڙو نظر ڪونہ ٿو اچي. لوڪ گيت جي انهن سڀني ، خوبين ۽ حسناڪين تي گفتگو ڪري انهن ۾ ٻوليءَ جي وسعتن کي محسوس ڪيو آهي.

ٻوليءَ جي لحاظ کان جنهن موضوع تي اسان قلم کڻندا آهيون تہ سڀ کان پهريان انهيءَ موضوع ۾استعمال ٿيل لفظ، اصطلاح، محاورا، ترڪيبن، تشبيهن، استعارن ۽ علامتن کي ضرور ڏسڻو پوندو آهي، جنهن جي آڌار تي اسان ان موضوع جي ٻوليءَ جون خوبيون ۽ وسعت معلوم ڪري سگهندا آهيون. اهڙي طرح اها ڳالهہ اسان پنهنجي غور نظر ۾ رکي ڪري لوڪ گيت جي ٻوليءَ جون خوبيون بيان ڪنداسين. جيئن تہ مٿي لوڪ گيت جو ٿورو تعارف ٿيل آهي، انهيءَ

ڪري هتي لوڪ گيت جو تعارف ڪرڻ يا ان تي وڏيڪ بحث ڪرڻ جي اهڙي ضرورت محسوس نہ ٿي ٿئي ڇو تہ اسان جو جيڪو موضوع آهي جيڪڏهن انهيءَ تي مثالن ۽ حوالن سان بحث ڪجي تہ اهو بهتر رهندو.

هونءَ تہ لوڪ گيت هڪ تمام وڏي صنف آهي ۽ ان جا موضوع بہ تمام گهڻا آهن. پر هِتي صرف اسان چند صنفن جا چند موضوع ڪڻنداسين. جنهن سان اسان پنهنجو مقصد پورو ڪري سگهون.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو پنهنجي ڪتاب ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو“ ۾ لکي ٿو تہ گيت ۾ موسيقي ۽ ان جي مزاج ۾ رقص جي ڪيفيت ٿئي ٿي. گيت جو مزاج ملائم ۽ نرم ٿئي ٿو. ڊاڪٽر فگار جي هن جملي جو مثال شيخ اياز جي گيت ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪو ڊاڪٽر عبد الجبار جوڻيجو جي ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ صفحو 277 تي موجود آهي:

روئلا ٻگيا ٻگيا

جا ديس ويو ڪسي

جي ديس بري بک

جي ديس بري نک

جو سيٺ برو پيٽ

جو سيٺ برو پيٽ

(جوڻيجو 1983ع)

هن گيت ۾ اياز هڪ ٽري ٻار جي هڪ مجبوري جو واضع نقش پيش ڪري ٿو. هن ۾ جيڪا اياز ٻولي استعمال ڪئي ، اها هڪ ٽري لهجي ۾ هڪ ٻار جي ٻاتڙي انداز ڪي بيان ڪيو آهي. هي گيت ترنم سان پڙهڻ وقت ائين محسوس ٿئي ٿو تہ جڻ پڙهندڙ پاڻ ڪي اهو ٻاتڙو ٻار محسوس ڪري رهيو هجي.

ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي تحقيقي ڪتاب ”لوڪ گيت“ ۾ لوڪ گيت جا قسم ۽ انهن جي کهڙي علائقي ڪان مقبوليت ٿي آهي, بابت جام وضاحت ڪئي آهي جن مان ڪجھ هيٺ ڏجن ٿا.

- جمالو سڄي سنڌ جو عام لوڪ گيت آهي ۽ لوڪ ناچ بہ پڻ آهي.
- چلو خاص طور تي اتر جو لوڪ گيت آهي.
- مورو بنيادي طور ڪوهستان جو لوڪ گيت آهي.

هن جو مطلب صاف ظاهر آهي تہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لوڪ گيت موجود آهي, پر اهي مختلف نالن ۽ موضوعن سان پاڻ ڪي اجان زنده رکيون پيا اچن ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ عوامي سوچ ۽ ويچار احساس ۽ جذبات, پيار ۽ محبت, ٻولي ۽ ثقافت بہ زندھ رهندي ٿي اچي, مطلب تہ لوڪ گيت هڪ عوامي ذهن ۽ زبان جو فطري ٻول آهي. بلوچ 2006.

آڪي اونداڻين ويندا تيڪون رب دي رک وي.

اوين پيا آوين, جيئن هڪ نہ لکي.

هن گيت ۾ اسان کي بهادري جا آثار ۽ تشبيه ملي ٿي. شاعر ڪيڏي نہ سهڻي. سولي ۽ سادن لفظن ۾ ڪنهن جي بهادري ٿوڏيڪاري تہ تون ائين پيو اچين جڻ هڪ نہ پر لک آهن.

ٻڳاءِ ٻڳاءِ ٻڳاءِ هيئنڙا
پنهنجي وطن تي آيا مينهڙا
سالن کان هئا ساهه سڪايل
ٽڙ، ٽرين جا نيڻ اڃايل
اکڙين مان ويا اڄ اوسيئڙا
پنهنجي وطن تي آيا مينهڙا
ماروئڙن جا چهرا ٻهڪيل
روهيڙن ۾ روح رتا گل
جوان تي پيا آهن جيئڙا
پنهنجي وطن آيا مينهڙا.
(ڊاڪٽر بچل، 2007)

ڊاڪٽر بچل ميمڻ صاحب هن گيت ۾ ڪيڏي نہ ڪمال جهڙي ٻولي ڪي انداز بيان ۾ آندو آهي. اسان جا مارو ۽ مال ونڊ جيڪي مينهن جي آسري تي پنهنجي زندگي گذارڻ جا خواب ڏسندا آهن، پوءِ جڏهن انهن جي اندر ۾ جيڪو احساس پيدا ٿيندو آهي، انهيءَ کي ڊاڪٽر صاحب انهن جي عام رواجي ٻوليءَ ۾ ئي بيان ڪندي لفظن جي حُسناڪي جا موتي پوئي هڪ گيت جي صنف جي شڪل ڏني آهي، ساڳيءَ گيت ۾ ڊاڪٽر تشبيهن جو استعمال بہ ڪيڏو نہ ڪمال جو آهي، جيڪي سادن ۽ سلوڻن لفظن ۽ بامعنيٰ وارا آهن.

ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻولي، مختلف لساني پهلو“ ۾ لکي ٿي تہ:
ڪنهن ادبپاري ۾ ٻوليءَ جي اهميت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ان جي ساخت کي سمجهڻ ان جي تعمير (construction) ۽ رد تعمير (Deconstruction) يا جوڙجڪ ۽ وري اکيڙ ۽ مروج معنائن جو تجزيو هن نظرئي وارن جو چوڻ آهي تہ لکڻي ۾ جيڪو ڪجهہ هوندو آهو ان جي اندران جي لفظن ۾ ئي لڪيل هوندو آهي ڪڏهن ظاهر ظهور تہ ڪڏهن بيت السطور.

مطلب تہ جنهن بہ لکيل ڪم جي ٻوليءَ کي اسان پرکڻ چاهينداسين تہ ان جي لفظن جي اندران ، ٻاهران، مطلب لفظي ۽ لغوي معنيٰ ۽ مفهوم کي معلوم ڪبو ۽ ٻيو اهو تہ ان جملي ۾ ان لفظن جي اهميت ۽ افاديت ڪهڙي ۽ ڪيتري آهي، جنهن جي آڌار تي ئي اسان ٻولي جي وسعت معلوم ڪري سگهنداسين.

همرچو: هن گيت جي باري ۾ پڙهيو وڃي ٿو تہ هي گيت اصل ۾ هارين لاءِ چيل گيت آهي، جيڪي پاڻ ۾ گڏجي ٻني ٻاري جو ڪم ڪار ڪندا آهن.

او رزاق گلزار، همرچو ڙي همرچو
دوست منا دلدار، همرچو ڙي همرچو
آهي لسي ماني تيار، همرچو ڙي همرچو
ڪيو نيرن نگدار، همرچو ڙي همرچو
ڪائو مکڻ هنياوَ ٺار، همرچو ڙي همرچو
ٻارا باقي ٻہ ۽ چار، همرچو ڙي همرچو

ڏيندو ماجهندو منٺار، همرچو ڙي همرچو
منهنجا محب او مٺل، همرچو ڙي همرچو
ڪٺو وارو ڪيو ول، همرچو ڙي همرچو
لٽي ڪانهن وٽيو نوڙ، همرچو ڙي همرچو
ڪم ڪيو تائين توڙ، همرچو ڙي همرچو
ٺاهيون وڏي ڪائي ٻار، همرچو ڙي همرچو
ڪري آن ڪي ڪرار، همرچو ڙي همرچو.
(لاشاري رحمت، 2008)

هي گيت اصل ۾ لفظ "همراهہ اچو" جو بگاڙ آهي، جنهن کي همرچو چيو ويجي ٿو. هن گيت ۾ شاعر معاشري جي ماڻهن جا عام رواجي نالا وٺي سڏ ڪري انهن سان مخاطب ٿئي ٿو. انهيءَ سا گڏو گڏ جيڪي اسان جي عام معاشري، ٻهراڙي يا لوڪ ٻولي ۾ استعمال ٿيندڙ شين جا نالا بہ انهن جي اصل صورت ۾ بيان ڪري ٿو جيئن مکڻ، لسي، ماني، ول، ماجهندوڪانهن، ٻار ۽ ڪرار. اهڙي طرح وري جنهن ڪم جي نوعيت تي لفظ استعمال ٿين ٿا انهن کي پنهنجي گيت ۾ ڪيڏي نہ سهڻي ۽ سادي سٽاءُ ۾ پيش ڪيو آهي.

سيني شاعرن ۽ ليڪڪن جو اظهارِ خيال آهي تہ جمالو گيت هڪ خوشيءَ جو گيت آهي، انهيءَ ۾ خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويندو آهي، هن قسم جي لوڪ گيت کي رحمت الله لاشاري هن طرح پيش ڪري ٿو.

آهيون جنهن جي انتظار ۾، هو جمالو او
آيو مزو ديدار ۾، هو جمالو او
ڏس سهڻي دستار ۾، هو جمالو او
ڏسو نوراني نهار ۾، هو جمالو او
جنهن جي منهن مسڪار ۾، هو جمالو او
ڏسو انن جي قطار ۾، هو جمالو او
ڏسو ڏاڙهي وار وار ۾، هو جمالو او
هن سواري جي مهڪار ۾، هو جمالو او
هر وڻ واري ڏار ۾، هو جمالو او
ٻڌو پکين جي پچار ۾، هو جمالو او.
(لاشاري، 2008)

هن گيت ۾ شاعر جيڪو خوشيءَ جي اظهار کي لفظن ۾ قيد ڪيو آهي، اهو ڪيترو نہ سهڻي لفظن ۽ سادي گفتگو ۾ آهي. پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪندي شاعر جنهن سان مخاطب ٿئي ٿو ان جي ڪيتري تہ تعريف ڪري ٿو ۽ تشبيهون استعمال ڪري ٿو جيڪي پڻ سادي ۽ عام رواجي ٻوليءَ ۾ آهن. جيئن هر هڪ پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ ان جي خوشي جي اظهار کي سمجهي، محسوس ڪري ۽ پرکي سگهي.

تاريخ جي پنن ۾ ڪوهستان ڪيترن ئي ڳالهين جي ڪري مشهور ۽ تاريخي ماڳ پڻ آهي، انهيءَ سان گڏ ڪوهستان جا سگهڙ به پنهنجي فن جي ڪري تمام گهڻو مشهور آهن. هن علائقي جو هڪ لوڪ گيت جيڪو تمام گهڻو مقبول آهي، انهيءَ ڪي هن علائقي جا ماڻهو ”مورو“ سڏيندا آهن. هن لوڪ گيت ۾ سڪ، آس، اڪير، پريت، اميد ۽ تڙپ جو اظهار تمام گهڻو ملندو آهي.

مورو آهي سدورو ڏولڻ ، مورو ويڻي ڳايان.
هي جبل وارا ماڻهو ادا آهن ڏاڍا اڻڄاڻون.
اڏا جبل جا هن چاڙها ،جتي رهن هرڻ ۽ ڦاڙها.
وٺي رات آ، آيو ڏينهن ، مولا ڪندو ايندو مينهن.
هيءُ ٿيندو سڳورو سال ، ڪائي ڍئو ڪندو منهنجو مال.
هيءُ پيلو منهنجو ماڳُ ، جتي سرنهن جو آهي ساڳُ.
منهنجا مارو سڀ اوطاقي، ڪن ڪچهرون اخلاقي.
پڪا پوڙها ۽ شهزادا ، رهن هتي سڀ سادا.
منهنجا مال وندا ميهار ، خوش رهن ٿا ريڍار.
(لاشاري، 2008)

هن گيت ۾ جتي شاعر پنهنجي علائقي جي ٻوليءَ جي خوبصورتي بيان ڪرڻ سان گڏ ان جي ڳالهائيندڙن جي پڻ تعريف ڪري ٿو. اهڙي ريت هو ڪوهستان جي ماڳ مڪان جي انهيءَ گيت ۾ پنهنجي سادن ۽ عام رواجي لفظن ۾ تعريف ڪري ٿو جيڪا فن تعريف جي لائق آهي، وري انهيءَ ٻوليءَ ڪي وڌيڪ خوبصورت بڻائڻ لاءِ ٻتا لفظ استعمال ڪري ٿو ته گيت جي اجان وڌيڪ حسناڪي نکري پوي ٿي جيڪا شايد شاعري جي ڪنهن ٻي صنف ۾ مشڪل سان ملندي هجي.

ڊاڪٽر اسحاق سميجو ڪينجهر نمبر 10 ۾ لکي ٿو ته شعر ۾ ٻتا لفظ به ٻوليءَ جي خوبي آهن. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته ٻٽن لفظن جا ٽي قسم ٿين ٿا. جن کي مان هتي لکڻ لازمي ٿو سمجهان، ته جيئن مون سميت سيني جي علم ۾ اضافو ٿئي:

1. هم معنيٰ: هڪ جهڙي معنيٰ وارا لفظ
2. متضاد لفظ: مطلب ضد وارا يا وري مخالف. هن قسم ۾ ٻٽن لفظن ۾ استعمال ٿيل لفظن جي معنيٰ هڪ ٻئي کان مختلف هوندي آهي.
3. زائد مهمل: هن قسم جي ٻٽن لفظن ۾ پوئين لفظ جي ڪا به معنيٰ نه هوندي آهي، جيئن اسان چوندا آهيون ته ، چانهه دانهه، ماني ڏاني، پاٽي ٻاٽي ، اهڙا ڪيترا ئي ٻتا لفظ آهن جيڪي مهمل آهن. مطلب ته جيڪي ترڪيبن، تشبيهن ۽ استعارن کي ٻولي ۾ ان جي وسعت طور استعمال ڪرڻ يا سمجهڻ آهي ته اتي ٻتا لفظ به ساڳئي حيثيت رکن ٿا ۽ اهي ٻتا لفظ به ٻولي جي حسن ۽ وسعت ۾ اضافو ڪن ٿا.

ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي تحقيقي ڪتاب (لوڪ گيت) ۾سنڌي ٻولي جو ٽري لهجي ۾ چيل لوڪ گيت جو قسم ٻڌائي ٿو جنهن کي ٽر جا سانگيئڙا ڊاٿيئڙو چوندا آهن. جنهن جو هڪ گيت هيٺ ڏجي ٿو.

ٽر جا ٽاريلا، اڄان پٽي جيان
ڪارو جو ڪنواٽ، پٽل جو پاڳڙو
سنهڙا ڪبوتر، اڄان پٽي جيان
اڄان پٽي جيان.
ٽان جون ٽڙيون، گجن جو گاليديون
ڏٽ جا ڏاٽي، اڄان پٽي جيان
اڄان پٽي جيان.
ٽر جون ٻنيون، مون ڪڍهن ڪونہ ڏٺيون
نماڻا آريسر، اڄان پٽي جيان
اڄان پٽي جيان.
بلوچ _ 2006

لسانيات جا ماهر هجن يا عام ماڻهو هجي، ٿري لهجو ايترو تہ سوادي آهي جو ٻڌڻ سان ئي هڪ دم ذهن ٿر جي سونهن ڏانهن وڃي ٿو هن لوڪ گيت ۾ بہ ٿري لهجو استعمال ٿيل آهي ڇو جو ڏاٽيڙو ڳايو ئي ٿر ۾ ويندو آهي. هن گيت جي پهرين سٽ ۾ جيڪي لفظ استعمال ٿيل آهي ”ٿر جا ٽاريلا “ جيڪو ٿر جي اصل نسل کي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪابہ هٻڪ محسوس نہ ٿو ڪري . پڙهندڙ يا ٻڌندڙ اهي لفظ ٻڌندو يا پڙهندو تہ هڪ دم هن جو خيال يا تصور ٿر جي ماڻهن ڏانهن ڇڪجي ويندو ۽ هڪ دم ٿر ۽ اتان جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ سادگيءَ ڏانهن پيو واجهائيندو . جڏهن هن گيت جي سادي ٻولي ۾ ايتري تہ ڪشش ۽ حسناڪي سمايل آهي تہ پوءِ اتي رهندڙ سادن ماڻهن جي حسن جي لفظن ۾ ڪهڙي تعريف ڪجي. هن گيت ۾ جيڪي تشبيهي لفظ آهن اهي بہ ٿر جي محنتڪش ۽ عام رواجي حيثيت رکندڙ ماڻهون کي ظاهر ڪري ٿو جيئن لفظ ”سنهڙا ڪبوتر“ هڪ محنتڪش ۽ رات ڏينهن محنت مزدوري ڪندڙ لاءِ آهي، ايترو سنهڙو ،سهڻو خوبصورت ۽ صحتمدن ٿي سگهي ٿو. ”ڏٽ جا ڏاٽي“ مطلب ڏٽ علائقي جا رهندڙ جيڪو ٿري لهجو هڪ نماڻي سهڻي ڪونج جيان شرميلي ۽ دل جي نازڪ آهي، جنهن جي سادگي ۽ سونهن جو ڪوبہ مٽ يا مثل نہ آهي ۽ نہ ئي ان کي لفظن جي زنجيرن ۾ قيد ڪري سگهجي ٿو.

ريباڻي: لوڪ گيت جو هڪ قسم آهي، هي لوڪ گيت ريباڻي قبيلي جي ما ڻهن جو عام رواجي گيت آهي.

ادا سنڌ جي سري ٽي،
الا ڇايون مَ ڏجانءِ،
الا ڪاله سڄو ڏينهن مون ڪانگ اڏايا
الا اڄ تہ منهنجا ڪاڪا اچندا
الا روئندي رڙندي ، منهنجا ڪاڪا نہ آيا.
الا رڪ جا ڪليجا، منهنجا رُڪ جا ڪليجا.
ادا سنڌ جي سِري ٽي.
الا ڇايون مَ ڏجان.

الا ڪاله سڄو ڏينهن مان ڪانگ اڏايا
الا اڄ منهنجا ماما اچندا
روئندي رڙندي منهنجا ماما نہ آيا،
ادا سنڌ جي سِري تي،
الا چايون مَ ڏجان،
الا ڪاله سڄو ڏينهن مان ڪانگ اڏايا.
گدواڻي_2010

سِري_سرحد
چايون_ڏيئر

هن لوڪ گيت ۾ هڪ ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ سان پنهنجي علائقي جي عام رواجي ٻولي ۾ مخاطب آهي ۽ان کي پنهنجي عام رواجي ٻولي ۾ نصيحت ڪري ٿي.

هن گيت ۾ هجر فراق ۽ پنهنجن کان پري رهڻ جو ڏک ۽ سڪ آهي، جيڪو گيت جي لفظن ۾ بيان ٿيل آهي. هن گيت ۾ جيڪي ٻتا لفظ استعمال ٿيل آهن جيڪي هميشہ ٻولي جي حسن جو پير جهلو آهن، اهي شاعر ڪيڏا نہ سهڻي نموني استعمال ڪيا آهن ، "روئندي رڙندي" انسان جڏهن ٽٽل دل جي درد تي روئندو آهي تہ ان سان گڏ دانهون ۽ آهون پڻ ڪندو آهي، شاعر ان ڪيفيت کي هنن ٻنن لفظن ۾ قيد ڪري گيت جي ٻولي کي اجان وڌيڪ چمڪائي ڇڏيو آهي. شاعر وري هڪ عام چوڻي بہ استعمال ڪئي آهي جيڪا "سڄو ڏينهن ڪانگ اڏايا" اسان جي سنڌي معاشري ۾ هي عام چوڻي آهي، جڏهن ڪو بہ ماڻهون پنهنجن جي اچڻ جو انتظار ڪندو آهي تہ ان وقت خدا جي قدرت، پکين ۽ جانورن کي نياپا ۽ سنيها ڏيندو آهي تہ منهنجن مارن، دل وارن ، روح جي راڻن کي وڃي ٻڌاءِ تہ مان توهان جي انتظار ۾ در ۽ رستي ۾ ديڌ وڇهون ويٺو آهيان.

تاريخ جي ورڪن کي ورجائي ڏسبو تہ خبر پوندي تہ اٺ چارڻ وارا جن کي اسان جت سڏيندا آهيون، انهن سان تاريخ ڀري پئي آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ سسئي پنهون جي داستان کي ڳايو آهي ، شاهہ سائين پنهون کي جت سڏي ٿو جيڪو هڪ وڏو ثبوت آهي تہ اٺ چارڻ وارو يا اٺ تي سواري ڪرڻ وارو جت آهي. گدواڻي 2010ع ۾ پنهنجي ڪتاب " سنڌي لوڪ گيت ، ٻولي جي اوسر " ۾ جتن تي چيل هڪ لوڪ گيت پيش ڪيو آهي، جيڪو هن مقالي ۾ رکڻ جي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي.

گهوٽ چڙهيو گهوڙي
چاچي جام پنهل جا
گهوٽ چڙهيو گهوڙي
نچيو ناز ڪري
گهوٽ چڙهيو گهوڙي
اديو گهوٽ چڙهيو گهوٽي
ماڻڪ اچلايان مينهن جيان

موتين ٽالهه پري

گهوٽ چڙهيو گهوڙي

اديون گهوٽ چڙهيو گهوڙي

جيءَ منهنجي راڻل کي

سنهڙي سيج سري

گهوٽ چڙهيو گهوڙي

اديون گهوٽ چڙهيو گهوڙي.

گدواڻي _ 2010

لوڪ شاعرن ڇا ته ڪمال ڪيو آهي ۽ ٻولي ۾ ڪيڏي ته حسناڪي ڇٽي اٿن. گهوٽ پلي کهڙو ٻه هجي وصفن ۾ پر شاعر ان کي لفظن ۾ ڪيترو ته حسين ۽ جمال ٻڌائن ٿا. جو ٻڌڻ وارن جو ازخود خيال انهيءَ ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿو ته گهوٽ جيڪو گهوڙي چڙهيو آهي، اهو ڪيترو ته سهڻو ۽ حسين شهزادو هوندو. وري انهيءَ گهوڙي جي پڻ لفظن ۾ تعريف ڪئي اٿس جو گهوڙو پلي هيڻو ڏٻرو هجي، پر لفظن جي طاقت ڪيس طاقتور ۽ حسين ٻڌائي ڇڏيو آهي. هن گيت ۾ تشبيهي لفظ ٻه پڻ استعمال ڪيا ويا آهن، جن ۾ ”ماڻڪ اڇلايان مينهن جا“ دراصل حقيقت ۾ ائين ڪڏهن ٻه نه ٿيو هوندو پر خوشي جو اظهار ماڻهو ڪيتري ٻه لفظي اوج ۾ ڪري اهو گهٽ لڳندو آهي ڇو جو اسان جي لوڪ ٻولي ۾ حد کان وڌيڪ حسين ۽ بامعنيٰ لفظ آهن.

ٻيلڻ لوڪ گيت بابت ڇيو وڃي ٿو ته هي گيت ان مهل ڳائبو آهي جڏهن ماروئڙا يا لاڏائو ماڻهوا ٿن تي پنهنجو لڏو لڏيندا آهن.

يار ويندا هين وَس، ولدا آوين نا.

هڪ ڏينهن رهدا ، سال گذاريان پانوين نا

ٻيلڻ سائين.

در ڍولڻ کو ساوا سرنهن اي،

اکيان اوين اسديان، جيون ساوڻ دا مينهن اي ،

ٻيلڻ سائين.

ٻيلڻ والا ،هڻ تيڏا ٻيلڻ گاوي،

دکان دي ماري ، هڻ کهڙا بار چاوي،

ٻيلڻ سائين.

سنديلو. 1986

هن گيت ۾ شاعرجي شاعري جي ٻولي جي وسعت کي بيان ڪرڻ لاءِ جيڪي تشبيهي لفظن استعمال ٿيل آهن اهي ڪٽنداسين جيڪي ڪيڏي ته سادي ، سلوڻي ۽ سمجهه ۾ ايندڙ لفظ آهن. هن گيت ۾ تشبيهه ڏني وئي آهي ته ”اکيان ايوين وسديا، جيون ساوڻ دا مينهن اي“ هن سٽ ۾ اکين جي ڳوڙهن کي برسات سان تشبيهه ڏنل آهي. ساوڻ جي برسات تيز ۽ گهڻي دير تائين وسندي آهي. انهيءَ ڪري شاعر پنهنجي درد جي دانهن ۽ پنهنجي ڳوڙهن کي مينهن سان ڀيٽ

ڏئي ٿو مطلب تہ لوڪ گيت ۾ تشبيهہ جو ڪم بہ انهيءَ جي ٻوليءَ جي سونهن کي سنواري سجائي ظاهر ڪري ٿو. جيڪي تشبيهون اندر جي آواز کي لفظي شڪل ڏيڻ ۾ نہ صرف مدد ڪن ٿيون پر جملي يا شعر جي ٻولي جي وسعت ۾ واڌارو پڻ ڪن ٿيون تہ جيئن ٻڌندڙ جي دل کي اهي لفظ ڇهن ۽ انهيءَ جي دل ۾ ان درد فراق جو احساس ٿئي ۽ هو خود اهڙي ڪيفيت ۾ مهو ٿي وڃي.

اوڏ قبيلو بہ سنڌ جي تاريخ جو حصو پڻ آهن. اوڏ لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي اڏيندڙ. سنڌ جي عظيم شاهہ شاعر شاعر شاهہ عبد اللطيف ڀٽائي بہ پنهنجي شاعري ۾ اوڏن کي ساراهيو آهي شاهہ لطيف جو هڪ شعر هيٺ ڏجي ٿو.

اڏيو جو اوڏن، سو ڏيهنگهر ڊلو مَ ٿئي،
جنهن پر ويهي ڪن، ليکو لاکي ڄام سين.
شاهہ

اوڏ قوم بابت تاريخون لکن ٿيون تہ سنڌ ۾ هن وقت جيڪي "اوڏ" آهن. سي دراوڙن جي ڪل مان آهن ، اهي اصل ڏکڻ هندوستان ۾ رهندا، اتر هندوستان ڏي اچڻ کان اڳ واٽ تي جيڪو هنڌ اول وسائي ويٺا ، سو هنڌ سندن نالي پٺيان "اوڏرديس" سڏجڻ ۾ آيو. جنهنجو اچار پوءِ ڦري ٿيو. بمبئي کاتي جي ذاتين جي ذڪر (ORISA) اوڙيسا ڪندي، هيءَ حقيقت اينٿنو صاحب ڄاڻائي آهي. انهن اوڏن مان ڪي مارواڙويا، جتان پوءِ سنڌ ۾ آيا. (مهراڻ_1983).

اوڏن جي شادي جو لوڪ گيت:

شيشي عطر جي پري آڻي لايو،
لانوڻ وارا گهوٽ ڪنوار،
ونڙي تہ راڻل جي مانڊي ۾ نهاري،
ونڙي تہ راڻل ڏي خوشيءَ ۾ نهاري،
بابو راڻل جو باغ بهار،
بابو راڻل جو باغ بهار.
ونڙي تہ راڻل جي مانڊي ۾ نهاري
ونڙي تہ راڻل ڏي خوشي ۾ نهاري.
بابو راڻل جو باغ بهار.
راڻي اشوڪ جي مانڊي ۾ نهاري،
ونڙي اشوڪ ڏي خوشي ۾ نهاري.
بابو اشوڪ جو باغ بهار،
بابو اشوڪ جو باغ بهار.
گدواڻي : 2010.

هيءَ گيت اصل ۾ ان مهل ڳائبو آهي، جنهن مهل گهوٽ پنهنجي ڄڃ سان گڏ ڪنوار جي گهر ويندو آهي ۽ ان وقت گهوٽ جا مٽ مائٽ تمام گهڻو خوش ٿيندا آهن. هن گيت ۾ انهن

جي خوشيءَ کي هڪ عام رواجي لفظن سان ظاهر ڪيو ويو آهي تہ هو ان وقت ڪيترو خوش هوندا آهن ۽ ڪهڙيون ريتون رسمون ادا ڪندا آهن. "انهن جي هتي لکڻ جي ضرورت محسوس نہ پئي ٿئي، ڇو جو اسان جو موضوع ٻوليءَ جي وسعت کي بيان ڪرڻ آهي". انهيءَ سان گڏو گڏ ڪيتري تہ خوبصورت انداز سان ٻٽن لفظن جو استعمال ڪيو ويو آهي ، جيڪي سڄي گيت کي سنواري ۽ سونهاري رهيا آهن ، اصل ۾ اهي ئي لفظن جي خوبصورتي آهي جو هر جملي يا شعر جي سونهن ۽ وسعت کي طاقتور بڻائيندا آهن.

**لاوڻ:** هي لفظ اوڏن جي ٺيٺ پنهنجي سنڌي اوڏڪي لهجي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ، لائڻ وارو يا لڳائڻ وارو.

**مانڊي:** هتي مانڊي لفظ جي معنيٰ آهي تہ جنهن ڇَني ۾ گهوٽ کي ويهاريو ويندو آهي اها جاءِ.

سنڌي عام رواجي ٻولي ۾ ايترا تہ وسيع ۽ بامعنيٰ لفظ آهن جو لکندي لکندي عمر کٽي وڃي، پر لفظ نہ کٽندا. ڪن گيتن ۾ اهڙا تہ لفظ ملن ٿا جيڪي لکڻ ۾ ساڳيا ۽ پڙهڻ ۾ بہ ساڳيو اچار آهي پر انهن جي لفظي معنيٰ مختلف آهي جيڪا پڻ گيت جي ٻولي جي حسناڪي بيان ڪن ٿا ۽ ٻولي جي وسعت ۽ لفظي ڀنڊار کي بہ ظاهر ڪن ٿا. ان جو مثال هيٺ ڏجي ٿو.

عمر! اباڻي پارڊي ، نکي سونهريون.
واهڻ ويهڻ واهيڻن ، نکي سونهريون.
سمجه ڳاله سلطان تون ، نکي سونهريون،
اهي سونهريون ، هيون مارن کي تہ ملير ۾.

سون + هريون : سون تي هريل.
سو + نهريون : پاڻي جون نهرون
سو + نهريون ڪيڙيون ، جسم فروش
سونهريون : ٻڪرين جو قسم، پارتي : 1991.

رسا پهرين ديس تي ، راجا ريتا ڪن،
ڪڏهن ڪڏهن سومرا ، راجا ريتا ڪن.
مال ورهاين واريءَ تي ، راجا ريتا ڪن.
اپڻي ويل اجهو رجي ، ماڻهو ريتا ڪن.

ريتا ڪن : سواءَ تاڪڻ جي ، سبڻ
ريتا + ڪن : ڳاڙهي رنگ جو ڪپڙو.
ري + تاڪن : لوڙهو سواءِ لوڙهي جي مال بيهارڻ.
ري + تاڪ : مئدان (جمع : ميدانن)، پارتي : 1991.

جاگرافي لحاظ کان سنڌي ٻولي هر خطي ۾ مختلف انداز يا لهجي ۾ بيان ڪئي ۽ ڳالهائي ويندي آهي. سنڌي ٻولي جو شايد ڪو اهڙو لفظ هجي جنهن جا اڌ يا ڏهه لفظ جاگرافي لحاظ کان نه ملندا هجن. اسان جي سنڌ جي جيتري تاريخ ۽ تهذيب پراڻي آهي اوتري ئي ٻولي ۽ ٻولي جي وسعت ۽ لفظ وري ايترا وسيع جو اڻ ڪٿ ۽ باڪمال معنيٰ وارا. اڄ ڏينهن تائين جنهن به سنڌي ٻولي تي تحقيق ڪئي آهي مهنجي خيال مطابق اهي اڃان تائين تو ڙ نه پهچي سگهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي خوبي ايتري ته آهي جو هر لحاظ کان هر ٻوليءَ کان اڳڀري آهي.

لسانيات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته ٻولي جون خوبيون لفظن جي گهڻ معنيٰ، اصطلاحن، ترڪيبن، تشبيهن، استعارن، علامتن، مرڪب لفظ ۽ زائد لفظن کي نظر ۾ رکي ڪري واضع ڪري سگهجي ٿو. هونءَ ته هر موضوع ۾ ٻولي جي خوبي ۽ وسعت پري پئي آهي ، پر هتي جيڪا مون تحقيق ڪئي آهي اها صرف لوڪ گيت جي ٻولي جي خوبي کي ظاهر ڪيو آهي، اهو به ڪجهه چونڊ لوڪ گيت مان انهن جي جاگرافي ۽ معنوي لحاظ کان لوڪ سنڌي ٻولي جيڪا هڪ عام رواجي ٻولي آهي اها ٻولي هڪ تمام وسيع ۽ خوبصورت آهي، جنهن جو اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به نچوڙ نه ڪڍيو آهي ۽ نه ئي وري ڪڍي سگهندو.

## حوالا:


1. هڪڙو انور فگار ڊاڪٽر "شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 2009ع.
2. بلوچ، ڊاڪٽر ، "لوڪ گيت" سنڌي ادبي بورڊ 2006ع.
3. ميمڻ، بچل ڊاڪٽر "وسايم وڏ ڦڙا" همٿ پرنٽنگ اينڊ پبليڪيشن، حيدرآباد، 2007ع.
4. گدواڻي، پرسو "سنڌي لوڪ گيت، ٻوليءَ جي اوسر" سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2010ع.
5. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1983ع.
6. سنڌيلو عبدالڪريم ڊاڪٽر "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو" سنڌي ادبي بورڊ، 1986ع.
7. سومرو، غلام قادر ڊاڪٽر "پٽن لفظن جي لغت" ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 1996ع.
8. فهميده، حسين ڊاڪٽر "سنڌي ٻولي، مختلف لساني پهلو" سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2013ع.
9. ڀارتي، نارائڻ ڊاڪٽر "سنڌي لوڪ گيت ۾ سماجڪ پسمنظر" انقلاب پريس الحاسنگر، 1991ع.
10. لاشاري، رحمت الله عاجز "رنگ رحمت الله جا" گلشن پبليڪيشن حيدرآباد، 2008ع.
11. عباسي، ظفر "شاعري جون صنفون" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1993ع.
12. طاهر زادو، ولي محمد "سنڌي لوڪ جو ثقافتي ورثو" سنڌي ادبي بورڊ.
13. مهراڻ، جلد 31 نمبر 201 ، 1983ع.
14. ڪينجهر، نمبر 10، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، 2014ع.